شعبان المعظم/رمضان المبارک 1445ھ/مارچ 2024ء

# ماہنامہ فیضان مدینہ

دعوتِ اسلامی


ویب ایڈیشن

# نفس جون تباهه ڪاريون

مفتي محمد قاسم عطاري

الله پاڪ ارشاد فرمايو: ﴿ وَ نَفْسٍ وَّ مَا سَوّٰىهَا ۪ۙ(۷) فَاَلْهَمَهَا فُجُوْرَهَا وَ تَقْوٰىهَا ۪ۙ(۸) قَدْ اَفْلَحَ مَنْ زَكّٰىهَا ۪ۙ(۹) وَ قَدْ خَابَ مَنْ دَسّٰىهَا ؕ(۱۰) ﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جان جو ۽ ان جو جنهن ان کي درست بڻايو. پوءِ ان جي نافرماني ۽ ان جي پرهيزگاري جي سمجهه ان جي دل ۾ وجهي ڇڏي. بيشڪ جنهن نفس کي پاڪ ڪري ورتو اهو ڪامياب ٿي ويو ۽ بيشڪ جنهن نفس کي گناهن ۾ لڪائي ڇڏيو اهو ناڪام ٿي ويو. (سيپارو 30، الشمس: 7 کان 10)

**تفسير** الله پاڪ انسان کي پيدا ڪيو، جسم ۽ جان جو مجموعو بڻايو، ظاهري ۽ باطني اوصاف عطا ڪيا، حق ۽ باطل قبول ڪرڻ جو مَلڪو ڏنو، ان جي وجود ۾ خير ۽ شر جو تڪرار قائم ڪيو ٻُرو ڀلو سمجهڻ ۽ اپنائڻ جو اختيار ڏنو، ان تمام حقيقت کي مذڪوره آيتن ۾ فرمايو ويو، جنهن جو خلاصو هي آهي ته جان جو ۽ ان خُدا جو قسم جنهن ان کي نيڪ بڻايو ۽ ان کي ڪوڙ طاقتون عطا فرمايون، جيئن ڳالهائڻ، ٻڌڻ، ڏسڻ جي طاقت پڻ فڪر ۽ خيال ۽ علم و فهم جي صلاحيت عطا فرمائي، پوءِ ان جي دل ۾ نافرماني ۽ پرهيزگاري جي صلاحيت ۽ بنياد رکيو، چڱائي بُرائي، نيڪي ۽ گناهه کان ان کي خبردار ڪري ڇڏيو. هن صلاحيت ۽



اختيار ڪان بعد اهو شخص جنهن پنهنجي نفس کي بُرائين ڪان پاڪ ڪري ورتو، اهو يقينن ڪامياب ٿي ويو، جڏهن ته جنهن پنهنجي نفس کي گناهن ۾ مشغول ڪري گناهن جي اونداهين ۾ لڪائي ڇڏيو، اهو ناڪام ٿي ويو. حضرت عبدُ الله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُما ڪان مروي آهي ته جڏهن رسولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ (تلاوت ڪندي) هنن آيتن تي پهچندا هئا ته رُڪجي ويندا هئا، پوءِ فرمائيندا هئا "اَللّٰهُمَّ اٰتِ نَفْسِیْ تَقْوَاهَا وَزَكِّهَا اَنْتَ خَيْرُ مَنْ زَكَّاهَا اَنْتَ وَلِيُّهَا وَمَوْلَاهَا" يعني اي الله! منهنجي نفس کي تقويٰ عطا فرماءِ، ان کي پاڪيزه ڪر، تون سڀني ڪان بهتر پاڪ ڪرڻ وارو آهين، تون ئي ان جو ولي ۽ مولا آهين. (معجم ڪبير، 87/11، حديث:11191-مسند الشهاب، 338/2، حديث: 1481)

نفس انسان جو اهو دشمن آهي، جنهن جو نقصان شيطان ڪان به وڌيڪ آهي، بلڪ خود شيطان کي گمراه ڪرڻ واري شيءِ ان جو نفس هو. نفس جون تمنائون بي لگام ۽ خواهشون بيشمار آهن. هي خواهشون وڌندي وڌندي ان حد تائين پهچي وينديون آهن جو بندگانِ نفس جي لاءِ انهن جو نفس بمنزلهِ خُدا بڻجي ويندو آهي ۽ بانهو ان جي هر خواهش تي عمل ڪري پاڻ کي هلاڪت ۾ وجهي ڇڏيندو آهي. اهڙن ماڻهن جو انجام هي ٿيندو آهي جو انهن جي ڪنن ۽ دلين تي مهر لڳي ويندي ۽ اکين تي پردو پئجي ويندو آهي، جنهن جي وجهه سان هدايت ۽ نصيحت انهن کي ٻڌڻ ناهي ايندي ۽ حق جو رستو نظر ناهي ايندو. انهيءَ صورت حال کي قرآنِ پاڪ ۾ هيئن بيان فرمايو ويو: ﴿ اَفَرَءَیْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ وَ اَضَلَّهُ اللّٰهُ عَلٰى عِلْمٍ وَّ خَتَمَ عَلٰى سَمْعِهٖ وَ قَلْبِهٖ وَ جَعَلَ عَلٰى بَصَرِهٖ غِشٰوَةًؕ فَمَنْ یَّهْدِیْهِ مِنْۢ بَعْدِ اللّٰهِؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ (۲۳) ﴾ ترجمو ڪنز العرفان: ڀلا ڏس ته اهو جنهن پنهنجي خواهشن کي پنهنجو خُدا بڻايو ۽ الله ان کي علم جي باوجود گُمراه ڪيو ۽ ان جي ڪنن ۽ دلين تي مهر لڳائي ڇڏي ۽ ان جي اکين تي پردو وجهي ڇڏيو پوءِ الله ڪان بعد ان کي ڪير واٽ ڏيکاريندو؟ پوءِ ڇا توهان نصيحت حاصل نه ٿا ڪيو؟ (سيپارو: 25، الجاثية: 23)

نفس جي هنن تباه ڪارين جي وجهه سان الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ بار بار هن طرفان تنبيهه ڪئي آهي، جيئن حضرت يوسف عَلَیْہِ السَّلَام جي مبارڪ زبان سان هي حقيقت هيئن تعليم فرمائي: ﴿ وَ مَاۤ اُبَرِّئُ نَفْسِیْۚ اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوْٓءِ اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّیْؕ اِنَّ رَبِّیْ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ (۵۳) ﴾ ترجمو ڪنز العرفان: ۽ مان پنهنجي نفس کي بي قصور نه ٿو چوان

بيشڪ نفس تہ بُرائي جو وڏو حڪم ڏيندڙ آهي پر جنهن تي منهنجو رب رحم ڪري بيشڪ منهنجو رب بخشيندڙ مهربان آهي.

(سيپارو: 13، يوسف: 53)

بُرائين جي طرف دعوت ڏيڻ واري نفس کي ”نفسِ امّاره“ چوندا آهن. نفسِ امّاره جو سڀ کان وڏو هٿيار ”خواهشات جو ڄار“ آهي جنهن ۾ اُلجهائي ڪري انسان کي لذتن جو اهڙو قيدي بڻايو آهي جو بانهو ان مان نڪرڻ جي ڪوشش ئي ناهي ڪندو، ان کي نہ خُدا ياد رهندو آهي ۽ نہ آخرت، ان ڪري الله پاڪ نفس جي خواهش جون تباهہ ڪاريون ڪثرت سان بيان فرمايون ۽ نفس جي پٺيان هلڻ کان باربار منع ڪيو، جيئن تہ هڪ جڳهہ فرمايو: ﴿وَلَا تَتَّبِعِ الْهَوٰى فَيُضِلَّكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ يَضِلُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌۢ بِمَا نَسُوْا يَوْمَ الْحِسَابِ ﴿۲۶﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ نفس جي خواهش جي پٺيان نہ هلجانءِ نہ تہ اها توکي الله جي راهہ کان ڀٽڪائي ڇڏيندي بيشڪ جيڪي الله جي راهہ کان ڀٽڪندا آهن انهن جي لاءِ سخت عذاب آهي ان ڪري جو انهن حساب جي ڏينهن کي ويساري ڇڏيو آهي. (سيپارو: 23، ص: 26)

بلڪ اهڙن ماڻهن کان بہ پري رهڻ جو حڪم ڏنو جيڪي نفساني خواهشن جو شڪار ۽ خُدا کي ويساري ويٺا آهن، جيئن فرمايو: ﴿وَلَا تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ عَنْ ذِكْرِنَا وَ اتَّبَعَ هَوٰىهُ وَ كَانَ اَمْرُهٗ فُرُطًا ﴿۲۸﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ان جي ڳالهہ نہ مڃ جنهن جي دل اسان پنهنجي ياد کان غافل ڪري ڇڏي ۽ اهو پنهنجي خواهش جي پويان هليو ۽ ان جو ڪم حد کان لنگهي ويو. (سيپارو 15، الڪهف: 28)

نبيِّ رحمت، صاحبِ ڪتاب و حڪمت، شفيعِ امّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هلاڪ ڪرڻ وارين شين ۾ نفس کي شمار ڪيو، جيئن فرمايائون: ٽي شيون هلاڪت ۾ وجهڻ واريون آهن (1) اهو بخل جنهن جي اطاعت ڪئي وڃي (2) اها نفساني خواهش جنهن جي پيروي ڪئي وڃي (3) ماڻهو جو پنهنجو پاڻ کي سٺو سمجهڻ. (شعب الايمان، 471/1، حديث:745)

هڪ حديثِ پاڪ ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نفساني خواهشات ۽ انساني ڪيفيتن کي ايتري قدر کولي ڪري بيان فرمايو جو سمجهدار جي لاءِ اها هڪ حديث ئي نفس جي شرارتن کان بچڻ جي لاءِ ڪافي آهي. رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن الله پاڪ جنّت پيدا ڪئي تہ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام کي فرمايو: ”وڃ ان کي ڏس.“ اهي ويا ۽ جنّت ۽ جيڪي نعمتون ان ۾ جنّتين جي لاءِ الله پاڪ تيار ڪيون آهن، انهن کي ڏٺو، پوءِ آيا ۽ عرض ڪيائين: اي ربّ تنهنجي عزّت جو قسم، جيڪو (ان جي باري ۾) ٻڌندو، اهو ان ۾ داخل ٿيندو (يعني ان ۾ داخل ٿيڻ جي ضرور ڪوشش

ڪندو).“ پوءِ الله پاڪ جنّت کي مُشقّتن سان ڍَڪي ڇڏيو (يعني جنّت ۾ وڃڻ جي لاءِ شريعت جي احڪامن جون مشقتون برداشت ڪرڻيون پونديون) ۽ (الله پاڪ) فرمايو: ”اي جبريل! وڃ ان کي ڏسي اچ.“ اهي ويا ۽ ان کي ڏٺو، پوءِ آيا ۽ عرض ڪيائون: ”اي ربَّ! تنهنجي عزّت جو قسم، مون کي خطرو آهي ته جنّت ۾ ڪو داخل نه ٿي سگهندو.“ پوءِ جڏهن الله پاڪ باهه (جهنّم) پيدا ڪيو ته فرمايو: ”اي جبريل! وڃ ۽ ان کي ڏس.“ اهي ويا ۽ ان کي ڏٺو، پوءِ آيا ۽ عرض ڪيائون: : ”اي ربَّ! تنهنجي عزّت جو قسم، جيڪو ان جي باري ۾ ٻڌندو، اهو ان ۾ داخل نه ٿيندو (يعني ان کان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندو) الله پاڪ ان کي لذّتن سان گهيري ڇڏيو (يعني جيڪو نفس جي ناجائز لذّتن ۾ پوندو، اهو جهنّم ۾ ويندو)، پوءِ الله پاڪ فرمايو: ”اي جبريل! ان کي ڏس.“ اهي ويا ۽ ان کي ڏسي ڪري عرض ڪيائون: اي ربَّ! تنهنجي عزّت جو قسم، مون کي خطرو آهي ته ان ۾ داخل ٿيڻ بنا ڪو به نه بچندو.“ (ابو داؤد،312/4، حديث:4744)

حديثِ پاڪ جو درس هي آهي ته الله پاڪ جنّت جهڙي عظيم جڳهه ۾ داخلا نفساني خواهشات کان بچڻ تي موقوف ڪيو آهي ۽ جهنّم ۾ داخل ٿيڻ کان نجات به خواهشات کان بچڻ تي ئي موقوف رکي آهي، تنهنڪري خُدا جي بارگاهه ۾ ڪاميابي جو حصول نفس کي بُرائين کان پاڪ ڪرڻ ۾ آهي، جڏهن ته نفس کي گناهن ۾ لڳائي ڇڏڻ، خواهشات کي بي لگام ڇڏي ڏيڻ هلاڪت ۽ ناڪامي جو رستو آهي. الله پاڪ هڪ مقام تي ان کي هيئن بيان فرمايو: ﴿فَاَمَّا مَنْ طَغٰى ﴿۳۷﴾ وَ اٰثَرَ الْحَیٰوةَ الدُّنْیَا ﴿۳۸﴾ فَاِنَّ الْجَحِیْمَ هِیَ الْمَاْوٰى ﴿۳۹﴾ وَ اَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَ نَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ﴿۴۰﴾ فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِیَ الْمَاْوٰى ﴿۴۱﴾﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ بهرحال جنهن سَرڪشي ڪئي ۽ دنيا جي زندگي کي ترجيح ڏني ته بيشڪ جهنّم ئي (ان جو) ٺڪاڻو آهي رهيو اهو جيڪو پنهنجي رب جي حضور بيهڻ کان ڊِنو ۽ نفس کي خواهش کان روڪيو ته بيشڪ جنّت ئي ان جو ٺڪاڻو آهي.

(سيپارو 30، النّٰزعٰت: 37 کان 41)

يعني جنهن شخص سَرڪَشي اختيار ڪئي، نافرماني ۾ حد کان وڌيو، دنياوي زندگي کي آخرت جي زندگي تي ترجيح ڏني ۽ پنهنجي نفساني خواهشن جو غلام بڻيو، ته بيشڪ جهنّم ئي ان شخص جو ٺڪاڻو آهي، جڏهن ته اهو شخص جيڪو پنهنجي ربَّ جي حضور قيامت جي ڏينهن پيش ٿيڻ کان ڊِنو ۽ ان پنهنجي نفس کي حرام شين جي خواهش کان روڪيو، ته بيشڪ جنّت ئي ان شخص جو ٺڪاڻو آهي.

## نفس کي بُرائين کان پاڪ ڪرڻ جو طريقو

مٿين آيت مان هي به معلوم ٿيو ته نفس کي بُرائين کان پاڪ ڪرڻ جو هڪ ئي طريقو آهي ۽ اهو ”مجاهدو“ آهي، يعني نفس جي خواهش جي خلاف ڪرڻ. نفس جون اڪثر خواهشون بُريون هونديون آهن، ان کان نفس کي روڪڻ ۽ اوترو روڪڻ جو

نفس گناهن کان رڪجڻ جو عادي ٿي وڃي ۽ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۽ اتباع ڪرڻ زندگي جو ترجيحي عمل بڻجي وڃي. انهيءَ سان ايمان ڪامل ٿيندو آهي ۽ انهيءَ سان آخرت جي ڪاميابي نصيب ٿيندي آهي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”توهان مان ڪو ان وقت تائين مومن نہ ٿو ٿي سگهي جيستائين ان جي خواهش منهنجي آندل (دين) جي تابع نہ ٿي وڃي.“ (شرح السنہ 85/1،حديث:104) ۽ الله پاڪ فرمايو: ﴿وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَخْشَ اللّٰهَ وَيَتَّقْهِ فَاُولٰٓىٕكَ هُمُ الْفَآىٕزُوْنَ﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪري ۽ الله کان ڊڄي ۽ ان (جي نافرماني) کان ڊڄي تہ اهي ئي ماڻهو ڪامياب آهن. (سيپارو 18، النور: 52)

عبادتن جي پابندي، نفس کي دٻائڻ ۽ ان کي مغلوب ڪرڻ جون ئي صورتون آهن جو نفس نماز، روزي، زڪوات وغيره کان ڀڄندو آهي ۽ پڪو ارادو ڪري جڏهن عبادتن جي پابندي ڪئي وڃي تہ نفس مغلوب ٿي ڪري مطيع بڻجي ويندو آهي. ان ڪري نفس تي قابو پائڻ جو هڪ مُفيد طريقو عبادتن جي ڪثرت پڻ آهي. الله پاڪ اسان کي نفساني خواهشن جي پيروي کان بچڻ ۽ قرآن و حديث جي احڪامن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي، آمين.




# مدني مذاڪري جا سوال جواب

### (1) روزو ۽ تراويح

**سوال:** جيڪو روزو ناهي رکندو ڇا اهو به تراويح پڙهندو؟

**جواب:** جي ها! هر مسلمان مرد ۽ عورت جي لاءِ تراويح پڙهڻ سُنّتِ مؤکده آهي.

(بهارشريعت، 688/1)

پر روزو رکڻ فرض آهي، جيڪڏهن ڪو ڄاڻي واڻي روزو نه رکندو ته سخت گنهگار ٿيندو پر ان جي لاءِ به تراويح پڙهڻ سنّتِ موکده آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو شرعي عذر جي ڪري روزو ناهي رکي سگهندو تڏهن به ان جي لاءِ تراويح پڙهڻ سُنّت موکده آهي.

(مدني مذاڪره، بعد نمازِ تراويح، 1رمضان شريف 1444ھ)

### (2) تراويح جي نماز ۾ سُنت جي نيت ڪنداسين يا نفل جي؟

**سوال:** تراويح جي نماز ۾ سُنت جي نيت ڪنداسين يا نفل جي؟

**جواب:** تراويح پڙهڻ سُنّت مؤکده آهي. (بهارشريعت، 688/1) لهٰذا ان ۾ سُنّت جي نيت ڪنداسين.

(مدني مذاڪره، بعد نمازِ تراويح، 7رمضان شريف 1444ھ)

### (3) تسبيح تراويح ياد نه هجي ته ڇا پڙهنداسين؟

**سوال:** ڇا چار رڪعت تراويح کان پوءِ تسبيح تراويح پڙهڻ ضروري آهي؟ جيڪڏهن ڪنهن کي ياد نه هجي ته ڪا ٻي دعا وغيره پڙهي سگهون ٿا؟

**جواب:** اهائي تسبيح پڙهڻ ضروري ناهي، ڪلمو يا درود شريف وغيره به پڙهي سگهو ٿا، چپ به رهيا ته ڪو گناه ناهي، پڻ چار رڪعت تراويح کان بعد ويهڻ مستحب آهي، جيڪڏهن ڪو نه ويهندو ته ڪو گناه ناهي. (بهارِ شريعت، 690/1ملخصاً-مدني مذاڪره، بعد نمازِ تراويح، 4رمضان شريف 1444ھ)

### (4) عشاء جي فرض کان پهريان تراويح پڙهڻ ڪيئن؟

**سوال:** جيڪڏهن ڪو تراويح جي دوران اچي ته اهو پهريان عشاء جا فرض پڙهي يا ڊاريڪٽ تراويح جي جماعت ۾ شامل ٿي وڃي؟

**جواب:** پهريان عشاء جا فرض ۽ به سنتون وغيره پڙهي وٺو ان کان بعد تراويح

پڙهو. عشاء جي فرض کان پهريان تراويح نٿا پڙهي سگهو.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراويح، 6رمضان شريف 1444ھ)

## (5) عورتن جو اَٺ يا ڏه رڪعتون تراويح پڙهڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا عورتون اَٺ يا ڏهه رڪعت تراويح پڙهي سگهن ٿيون؟

**جواب:** مرد ۽ عورت ٻنهي کي 20 رڪعتون ئي پڙهڻ جو حڪم آهي.

(بہارشريعت، 1/688-مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراويح، 6رمضان شريف 1444ھ)

## (6) ڏيءَ کي صدقهءِ فطر ڏيڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا پيءُ پنهنجي ڏيءَ کي صدقهءِ فطر ڏئي سگهي ٿو؟

**جواب:** نٿو ڏئي سگهي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراويح، 6رمضان شريف 1444ھ)

## (7) معذور مرد جو مسجدِ بيت ۾ اعتڪاف ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا معذور مرد حضرات مسجد بيت ۾ اعتڪاف ڪري سگهن ٿا؟

**جواب:** نه. مرد حضرات مسجدِ بيت ۾ اعتڪاف نٿا ڪري سگهن، مسجدِ بيت ۾ صرف عورتون ئي اعتڪاف ڪنديون.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراويح، 6رمضان شريف 1444ھ)

## (8) سَسُ کان پردو ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا نياڻي جو پنهنجي سَسُ کان به پردو آهي؟

**جواب:** نياڻي ۽ سَسُ ۾ پردو ناهي، اهڙي طرح ننهن ۽ سُهري ۾ به پردو ناهي، پر بهتر اهو آهي ته سَسُ پنهنجي نياڻي کان ۽ ننهن پنهنجي سُهري کان پَردو ڪري ڇوته پردي ئي ۾ عافيت آهي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراويح، 6رمضان شريف 1444ھ)

## (9) سِرّي نماز ۾ مقتدي آمين ڪڏهن چئي؟

**سوال:** ڪڏهن ڪڏهن سِرّي نمازن(يعني اهي نمازون جن ۾ امام صاحب بلند آواز ۾ تلاوت ناهن ڪندا) ۾ مائيڪ امامن جي وات جي ويجهو هوندي آهي، جڏهن هُو سورت فاتحه پڙهي رهيا هوندا آهن ته اها ٻڌي پئي ويندي آهي، جڏهن اها سورت فاتحه ختم ٿئي ته اُن وقت مقتدي آمين چئي سگهن ٿا يا نه؟

**جواب:** بهارِ شريعت ۾ آهي: سِرّي نماز ۾ امام آمين چئي ۽ هي (يعني مقتدي) سندس ويجهو هو ۽ امام صاحب جو آواز ٻڌي ورتو ته هي به (آمين) چئي.(بہارشريعت، 1/525)

مائيڪ جي ذريعي آمين جي آواز پهچي هي شرط ناهي، مائيڪ هجي يا نه هجي بس امام آمين چئي هي (چاهي مائيڪ ئي مان) خبر پئي ته هاڻي مقتدي جي لاءِ آمين چوڻ سُنت آهي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراويح، 6رمضان شريف 1444ھ)

## (10) لکھ رہا ہوں نعتِ سرور سبز گنبد دیکھ کر

**سوال:** اوهان هڪ ڪلام لکيو آهي:

لکھ رہا ہوں نعتِ سرورِ سبز
گنبد دیکھ کر
کیف طاری ہے قلم پر سبز گنبد دیکھ کر

هي ڪلام ڪڏهن لکيو ۽ ڇا ان وقت ظاهري طور تي سبز گنبذ اوهان جي نگاهن جي سامهون هو؟

**جواب:** گهڻو پهريان مديني شريف ۾ سيّدي قطب مدينہ جي جانشين حضرت مولانا فضل الرحمٰن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه مون کي ڪو شعر ٻڌايو جنهن جو رديف[1] هو ”سبز گنبد دیکھ کر“. ۽ فرمايو تہ مون وٽ پهريان فلاڻي[2] جو هي ڪلام هو هاڻي وڃائجي ويو آهي، اوهان هن شعر جي مطابق ڪو نئون ڪلام لکو. اُنهي شعر جي وزن تي مون مسجد نبوي شريف ۾ ويهي ڪري هي ڪلام لکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، مهينو ۽ سال ياد ناهي پوءِ مون پنهنجي قلم سان لکيل ڪلام وڃي حضرت جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيو. ان موقعي تي هڪ مزاح بہ ٿيو هو، اهو هيئن تہ هڪ اسلامي ڀاءُ جيڪو مون سان گڏ هيو اهو مون کان ڪلام گهري رهيو هو تہ هي لکيل ڪلام مون کي ڏئي ڇڏيو، مون کين عرض ڪيو تہ هي ڪلام تہ ان کي گهرجي، حضرت، ”جو ڏيان“ چئي ڪري ڏيڻ کان منع ڪري ڇڏيو.

(مدنی مذاکرہ بعد نمازِ تراویح، 6رمضان شریف 1444)

## (11) صَلٰوةُ اللیل پڙهڻ جووقت

**سوال:** صَلٰوةُ اليل جا نفل ڪڏهن پڙهنداسين؟

**جواب:** عشاء جي نماز کان پوءِ، بهارِ شريعت ۾ آهي: رات جو عشاء جي نماز کان پوءِ جيڪي نفل پڙهيا وڃن انهن کي صَلٰوةُ الليل چوندا آهن.

(بہار شریعت، 677/1۔ مدنی مذاکرہ، 16شوال شریف 1444ھ)

## (12) قضا نماز ويهي پڙهڻ ڪيئن؟

**سوال:** ڇا قضا نمار ويهي ڪري پڙهي سگهون ٿا؟

**جواب:** فرض نمازون ۽ وتر جي قضا ويهي نٿا پڙهي سگهون باقي شرعي عذر آهي تہ ويهي پڙهي سگهون ٿا.

(بہار شریعت، 677/1۔ مدنی مذاکرہ، 16شوال شریف 1444ھ)

---

[1] حاشيو: اهو لفظ جيڪو غزل يا قصيده وغيره جي ٻنهي يا بيتن جي آخر ۾ قافيي جي پٺيان بار بار اچي. (فیروز اللغات اُردو، ص718)

[2] حاشيو: افسوس! سگ مدينہ کان ليکڪ جو نالو وسري ويو.





# عنوان: ڳوٺاڻن جا سوال ۽ رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا جواب (قسط:4)

مولانا محمد عدنان چشتي عطّاري مدني

الله ڪريم جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪان عرب شريف جي ڳوٺن ۾ رهڻ وارا صحابهٔ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم جيڪي سوالَ ڪندا هئا، انهن مان 12 سوال ۽ انهن جا جوابَ ٽن قسطن ۾ تي چڪا آهن، هتي وڌيڪ 3 سوالَ ۽ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا جوابَ ذڪر ڪيا ويا آهن:

## جنت جا ميوا ڪيئن آهن؟

حضرتِ عُتبہ بن عبد سلمي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ هڪ ڳوٺاڻو آيو ۽ سوال ڪيائين: مَا حَوْضُكَ هٰذَا الَّذِيْ تُحَدِّثُ عَنْهُ؟ يعني اهو حوض ڪيئن هوندو جنهن جي باري ۾ اوهان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻڌائيندا آهيو؟ رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيئن بيضاء ڪان بصرٰي جو وچ وارو فاصلو آهي، (پوءِ) الله ڪريم ان ۾ منهنجي لاءِ هڪ ڪُراع وڌائي ڇڏيندو، ڪو انسان نہ ٿو ڄاڻي تہ ان جا ڪنارا ڪٿي آهن. حضرت عُمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جن تڪبير بُلند ڪئي (يعني الله اڪبر چيائون) رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: حوضِ ڪوثر تي مون وٽ راهِ خُدا ۾ جهاد ڪرڻ وارا فُقراء ايندا، مون کي يقين آهي تہ الله پاڪ مون کي ان ڪُراع تائين پهچائي ڇڏيندو ۽ مان ان مان پيئندُس. نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنَّ رَبِّيْ وَعَدَنِيْ اَنْ يُّدْخِلَ الْجَنَّةَ مِنْ اُمَّتِيْ سَبْعِيْنَ اَلْفًا بِغَيْرِ حِسَابٍ، يعني الله پاڪ مون سان واعدو فرمايو آهي تہ منهنجي ستر هزار امّتين کي بنا حساب جي جنّت ۾ داخل ڪندو. ثُمَّ يَشْفَعُ كُلُّ اَلْفٍ لِسَبْعِيْنَ اَلْفًا پوءِ هر هڪ هزار ستر هزار جي شفاعت ڪندا. پوءِ (انهن جنّتين ۾) الله ڪريم پنهنجي ٽِن ٻُڪن جي ذريعي منهنجي لاءِ اضافو ڪري ڇڏيندو. (هي ٻڌي ڪري) حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جن تڪبير بُلند ڪئي ۽ فرمايائون: بيشڪ الله ڪريم پهريان ستر جي شفاعت انهن جي ابن ڏاڏن ۽ خاندان وارن جي حق ۾ قبول فرمائيندو، ۽ مان اميد ڪريان ٿو تہ الله پاڪ مون کي انهن آخري ٽِن ٻُڪن مان ڪنهن هڪ ۾ ڪري ڇڏي.

ڳوٺاڻي عرض ڪيو: يَا رَسُوْلَ اللهِ: فِيْهَا فَاكِهَةٌ؟ يا

رسولَ اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇا ان ۾ ميوا بہ آهن؟ پاڻ ڪريمن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: نَعَمْ ها! وَفِيهَا شَجَرَةٌ تُدْعٰى طُوْبٰى هِيَ تُطَابِقُ الْفِرْدَوْسَ يعني ان ۾ هڪ وڻ آهي جنهن کي طوبيٰ چيو ويندو آهي ان فردوس کي ڍڪي رهيو آهي. ڳوناٺي پڇيو: أَيُّ شَجَرِ أَرْضِنَا تُشْبِهُ؟ اهو اسان جي زمين جي ڪنهن وڻ جيان آهي؟ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: لَيْسَ تُشْبِهُ شَيْئًا مِنْ شَجَرِ أَرْضِكَ اهو توهان جي زمين جي ڪنهن وڻ جيان ناهي، پر ڇا توهان ڪڏهن مُلڪِ شام ويا آهيو؟ ڳوناٺي چيو: نہ! يا رسولَ اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: فَإِنَّهَا تُشْبِهُ شَجَرَةً بِالشَّامِ تُدْعَى الْجَوْزَةُ تَنْبُتُ عَلٰى سَاقٍ وَاحِدٍ، ثُمَّ يَنْتَشِرُ أَعْلَاهَا يعني اهو مُلڪِ شام جي هڪ وڻ جيان آهي جنهن کي جوزه يعني اخروٽ جو وڻ چيو ويندو آهي، اهو هڪ ئي ٿڙ تي ڦٽندو آهي پوءِ ان جون ٽاريون پکڙجي وينديون آهن. ان ڳوناٺي سوال ڪيو: فَمَا عِظَمُ أَصْلِهَا؟ ان جي پاڙ ڪيتري ڏگهي آهي؟ رسولُ اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن توهان جي پالڻ وارن اُٺن مان ڇئن سالن جو اٺ هلڻ شروع ڪري اهو وڻ ان وقت تائين ختم نہ ٿيندو جيستائين پوڙهائپ جي وجھ سان ان(اٺ) جي سيني جون هڏيون نہ ٽٽي وڃن. ڳوناٺي پڇيو: فِيهَا عِنَبٌ؟ ڇا ان ۾ انگور آهن؟ فرمايائون: ها! ان پڇيو: فَمَا عِظَمُ الْعُنْقُودِ مِنْهَا؟ ان جي ڳُونچ جي ڊيگهہ ڪيتري آهي؟

رسولُ اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: غراب ابقع (مُردار کائڻ واري ڪاري ۽ اڇي ٻن رنگن واري ڪانءُ) جو مُسلسل هڪ مهيني تائين هيٺن اڏامڻ جو فاصلو جو جنهن ۾ اهو نہ ڪِري، نہ بيهي ۽ نہ ئي سُستي ڪري. ڳوناٺي پڇيو:

وَمَا عِظَمُ الْحَبَّةِ مِنْهُ؟ يعني جنّت جو هڪ انگور ڪيترو وڏو آهي؟

نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: هَلْ ذَبَحَ أَبُوكَ تَيْسًا مِنْ غَنَمِهِ عَظِيمًا؟ ڇا توهان جي والد ڪڏهن پنهنجي ڌڻ مان ڪو وڏو جنگلي ڇيلو ذبح ڪيو آهي؟ ان چيو: جي ها! نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا ان جي کَلَ لاهي ڪري توهان جي والده کي ڏني هجي تہ هن جي صفائي ڪري رنگي ڇڏيو پوءِ ان کي ڦاڙي ڪري هڪ وڏو ڏولُ ٺاهيو جنهن جي ذريعي اسان پنهنجي جانورن کي پنهنجي مرضي جي مطابق سيراب ڪري سگهون؟ ان عرض ڪيو: جي ها! رسولَ اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: فَإِنَّهُ كَذٰلِكَ يعني اهو انگور جو داڻو بہ اهڙو ئي آهي. وري ڳوناٺي چيو: فَإِنَّ ذٰلِكَ يَسَعُنِي وَيَسَعُ أَهْلَ بَيْتِي؟ اهو داڻو تہ منهنجي ۽ منهنجي سيني گهروارن جي لاءِ ڪافي هوندو؟ نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: وَعَامَّةَ عَشِيرَتِكَ يعني بلڪ سيني رشتيدارن کي بہ. (معجم کبیر، 127/17، حديث: 312 ـ صفة الجنة لابی نعیم، 186/2، حدیث: 316 ـ معجم اوسط، 146/1، حديث: 402)

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ رسولُ اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: لَا عَدْوٰى وَلَا صَفَرَ وَلَا هَامَةَ يعني ڪا بيماري اڏامي ڪري لڳڻ واري ناهي، نہ ئي صفر ڪا شيءِ آهي ۽ نہ ڪو هَامَہ (نہ پکي نہ ڇيرو) آهي. هڪ ڳوناٺي سوال ڪيو: يا رسولَ اللہ

صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! فَمَا بَالُ إِبِلِي، تَكُونُ فِي الرَّمْلِ كَأَنَّهَا الظِّبَاءُ، فَيَأْتِي الْبَعِيرُ الْأَجْرَبُ فَيَدْخُلُ بَيْنَهَا فَيُجْرِبُهَا؟يعني پوءِ ان اٺ جو ڇا معاملو آهي جيڪو رٽيپٽ ۾ هرڻ جيان هوندو آهي پوءِ ان کي خارشي اٺ ملندو آهي تہ ان کي بہ خارش وارو ڪري ڇڏيندو آهي؟ رسولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: فَمَنْ أَعْدَى الْأَوَّلَ؟ تہ پوءِ پهرين اٺ کي ڪنهن خارش وارو ڪري ڇڏيو؟

(بخاری، 26/4، حدیث:5717)

## حديثِ پاڪ جي شرح

”عَدْوٰي يعني بيماري اڏامي لڳڻ“ اهلِ عرب ڪيئي بيمارين جي باري ۾ اهڙو اعتقاد رکندا هئا، انهن مان هڪ خارش بہ آهي، ان ڪري ڳوٺاڻي صحيح اُن جي باري ۾ سوال ڪيو جيڪي خارش واري اٺ سان ملڻ کان بعد خارش وارا ٿي ويا. ان جي جواب ۾ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: پهرين اٺ کي بيماري ڪنهن لڳائي هئي؟ سندن مُراد هي هئي تہ پهرين اٺ کي بہ اڏامي ڪري نہ لڳي بلڪ اللّٰه پاڪ جي حڪم ۽ تقدير سان لڳي، بهرحال ٻين ۾ بعد وارن اُن سان بہ اهو ئي معاملو ٿيو.

## ڪبيره گناه ڪهڙا آهن؟

حضرت عبدُ اللّٰه بن عَمرو رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا فرمايو: جَاءَ أَعْرَابِيٌّ إِلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يعني رسولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ هڪ ڳوٺ جو رهاڪو ماڻهو آيو ۽ سوال ڪيائين: يَا رَسُولَ اللهِ، مَا الْكَبَائِرُ؟يعني يا رسولَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! ڪبيره گناه ڪهڙا آهن؟ نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: الْإِشْرَاكُ بِاللهِ يعني اللّٰه پاڪ سان شريڪ ڪرڻ. ان پيهر عرض ڪيو: ثُمَّ مَاذَا؟ پوءِ ڪهڙو؟ ارشاد فرمايائون: ثُمَّ عُقُوقُ الْوَالِدَيْنِ يعني ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪرڻ. ڳوٺاڻي سوال ڪيو: پوءِ ڪهڙو گناه وڏو آهي؟ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الْيَمِينُ الْغَمُوسُيعني ڪوڙو قسم کڻڻ.


(بخاری،377/4، حدیث:6920)

# حضرت سيدنا شعيب عَلَيهِ السَّلَام

عدنان احمد عطاري

**قوم جا طنزيه جُملا** (قوم) چيو: اي شعيب! ڇا توھا جي نماز توھان کي ھي حڪم ڏي ٿي تہ اسان پنھنجي ابن ڏاڏن جي خُدائن کي ڇڏي ڏيون يا پنھنجي مال ۾ پنھنجي مرضي جي مطابق عمل نہ ڪيون. واھ سائين واھ! توھان تہ وڏا عقلمند، نيڪ چال چلت آھيو. (پ12، ھود: 87) يعني حيران ٿي ڪري چيائون تہ اوھان تہ وڏا عقلمند ۽ نيڪ چال چلت آھيو، پوءِ اوھان اسان کي ھي حڪم ڪيئن ڏئي رھيا آھيو تہ اسان نسل درنسل ھلندڙ پنھنجي معبود جي پوڄا جي طريقي کي ڇڏي ڏيون. پاڻ عَلَيهِ السَّلَام پنھنجي قوم کي انھن ڳالھين جو جواب ڏيندي ارشاد فرمايائون: اي منھنجي قوم! مون کي ٻڌايو تہ جيڪڏھن مان پنھنجي ربَّ جي طرف کان روشن دليل يعني علم، ھدايت، دين ۽ نبوت سان سرفراز ڪيو ويو ھجان ۽ الله پاڪ مونکي پاڻ وٽان تمام گھڻو حلال مال عطا فرمايو ھجي تہ پوءِ ڇا منھنجي لاءِ ھي جائز آھي تہ مان ھن وحي ۾ خيانت ڪريان ۽ ھن جو پيغام توھان تائين نہ پھچايان. ھي سڀ منھنجي لاءِ ڪيئن جائز ٿي سگھي ٿو تہ الله پاڪ مون کي ايترين ڪثير نعمتون عطا فرمائي ۽ مان ان جي حڪم جي خلاف ورزي ڪريان. (صراط الجنان 4/453، 454)

**قومِ مَدين تي عذاب اچي ويو** معجزو ڏيکارڻ ۽ قوم کي باربار سمجھائڻ کان بعد بہ قوم جي سرڪشي ۽ نافرماني وڌندي رھي جڏھن سندن مايوس ٿي ويا تہ انھن جي اصلاح نہ ٿيندي ۽ نہ ئي ھي ھدايت جي طرف ايندا تہ پاڻ انھن جي خلاف الله پاڪ کان دعا ڪئي، (شرح الشفاء للقاري 1/335) اي منھنجا ربَّ! اسان ۾ ۽ اسان جي قوم ۾ حق سان فيصلو فرمائي ڇڏ ۽ تون سڀني کان بھتر فيصلو فرمائڻ وارو آھين. (پ9، الاعراف: 89) آخرڪار ان نافرمان قوم تي عذاب اچي ويو ۽ اھا قوم ھلاڪت ۽ بربادي جو نشان ھيئن بڻجي وئي جو انھن کي سخت زلزلي پنھنجي پڪڙ ۾ قابو ڪري ورتو تہ صبح جي وقت ھو پنھنجي گھرن ۾ اونڌا پيل رھجي ويا. (پ9، الاعراف: 91)



**مُردہ قوم سان خطاب** قوم جي هلاڪت کان بعد جڏهن پاڻ عَلَيهِ السَّلام انهن جي بي جان لاشن پرسان گذريا ته انهن سان خطاب فرمايائون: اي منهنجي قوم! بيشڪ مون توهان کي پنهنجي ربّ جا پيغامَ پهچائي ڇڏيا ۽ مون توهان جي خيرخواهي ڪئي پر توهان ڪهڙي طرح به ايمان نه آندو.(صراط الجنان، 3/362)

**قومِ ايڪ** بي قوم جنهن جي طرف حضرت شعيب عليه السّلام کي مبعوث فرمايو ويو اها اهلِ اَيڪَ هئي. اَيڪ وڻن جي جهُنگڻي کي چوندا آهن، انهن ماڻهن جو شهر جو جو ساون ساون جنگلن ۽ سَرسبز وڻن جي وچ ۾ هو ان ڪري جهاڙي (وڻن جي جُهنگني) وارا فرمايو ويو.
(صراط الجنان، 5/257)

**ڪوڙا خُدا** اَيڪ جي بادشاه جو نالو ”ابوجاد“ هو ان پنهنجي قوم جي لاءِ 30 ڪوڙا خُدا ٺاهيا، پنهنجي خاندان جي لاءِ سون ۽ جواهرات جا 10 ڪوڙا معبود جڏهن ته عوام جي لاءِ چاندي، ٽامي، پٿر، لوهَ ۽ ڪاٺين جا 20 ڪوڙا خُدا ٺاهيا.(نهاية الارب، 13/145)

**نيڪي جي دعوت** پاڻ عَلَيهِ السَّلام پنهنجي قوم اَيڪ کي الله پاڪ تي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏني ۽ هيٺين سمجهايائون: ڇا توهان ڊڄو نه ٿا؟ بيشڪ مان توهان جي لاءِ امانتدار رسول آهيان. سو الله پاڪ کان ڊڄو ۽ منهنجي اطاعت ڪريو. ۽ مان هن (تبليغ) تي اوهان کان ڪجھ اجرت نه ٿو گهران، منهنجو اجر ته انهيءَ تي آهي جيڪو سڄي جهان جو ربّ آهي. (اي انسانو!) ماپَ پوري ماپيو ۽ ماپَ تورَ کي گهٽائڻ وارن مان نه ٿي وڃو. ۽ بلڪل درست ساهمي سان توريو. ۽ ماڻهن کي انهن جون شيون گهٽ ڪري نه ڏيو ۽ زمين ۾ فساد ڦهلائيندا نه ڦِرو. ۽ ان کان ڊڄو جنهن توهان کي ۽ پهرين مخلوق کي پيدا ڪيو.
(پ19، الشعراء: 177 تا 184)

**بادشاه انڪار ڪري ڇڏيو** ان دعوت کي ٻڌي ڪري بادشاه چوڻ لڳو: اوهان پنهنجو پيغام پهچائي ڇڏيو ۽ اسان ٻڌي ورتو هاڻي اسان وٽ ٻيهر موٽي نه اچجو، پاڻ فرمايائون: مان الله جو رسول آهيان، مان باربار ايندو رهندُس ۽ دين جي دعوت ڏيندو رهندُس ايستائين جو توهان الله جي اطاعت ڪرين. بادشاه پاڻ عَلَيهِ السَّلام جي ڳالهه ٻڌي ڪري ڪاوڙ ۾ اچي ويو هي ڏسي ڪري پاڻ عَلَيهِ السَّلام واپس موٽي آيا ۽ دين جي تبليغ جاري رکي ۽ ڪافرن کي هڪ الله جي طرف سڏيندا رهيا ۽ نصيحتون ڪندا رهيا تڏهن به اها قوم نه مُڙي پر ان بادشاه جو هڪ وزير ايمان کڻي آيو هو سو ان پاڻ عَلَيهِ السَّلام کي پنهنجو ايمان لڪائي رکڻ جي گذارش ڪئي ته پاڻ عَلَيهِ السَّلام ان جي ايمان کي پوشيده رهڻ ڏنو.(نهاية الارب، 13/147)

**قوم جي بدتميزي** آخرڪار انهن ماڻهن حضرت شعيب عَلَيهِ السَّلام جي نصيحت ٻڌي ڪري چيو: اي شعيب! توهان ته انهن ماڻهن مان آهيو جن تي جادو ٿيو آهي ۽ توهان کي

ملائڪ ناهيو بلڪ اسان جهڙا ماڻهو ئي آهيو ۽ توهان جيڪا نبوت جي دعويٰ ڪئي بيشڪ اسان توهان کي ان ۾ ڪوڙو سمجهون ٿا. جيڪڏهن توهان نبوت جي دعويٰ ۾ سچا آهيو ته الله پاڪ کان دعا گهرو ته هو عذاب جي صورت ۾ اسان تي آسمان جو ڪو ٽڪرو ڪِرائي ڇڏي.(صراط الجنان، 153/7)

(اي الله! اسان کي اهڙي ڳالھ چوڻ کان محفوظ فرماءِ ۽ اسان کي پنهنجي انبياء ۽ اولياء جو ادب نصيب فرماءِ، آمين)

**قومِ اَيڪ تي عذاب** حضرت شعيب عليه السلام انهن ماڻهن جو جواب ٻڌي ڪري انهن کي فرمايو: منهنجو ربُّ توهان جي عملن کي ۽ جنهن عذاب جا توهان حقدار آهيو ان کي خوب ڄاڻي ٿو، هو جيڪڏهن چاهيندو ته آسمان جو ڪو ٽڪرو توهان تي ڪِرائيندو يا توهان تي ڪو ٻيو عذاب نازل ڪرڻ منهنجي رب جي مَشيَّت ۾ هوندو ته منهنجو ربّ اهو عذاب توهان تي نازل فرمائي ڇڏيندو.(صراط الجنان، 154/7)

پوءِ هڪ ڏينهن انهن کي شامياني جي ڏينهن جي عذاب پڪڙي ورتو، بيشڪ اهو وڏي ڏينهن جو عذاب هو جيڪو هن طرح آيو جو انهن کي سخت گرمي پهتي، هوا بند ٿي ۽ ست ڏينهن گرمي جي عذاب ۾ گرفتار رهيا. تَھ خانن ۾ ويندا ها ته اتي اجان وڌيڪ گهرمي محسوس ڪندا ها. ان کان بعد هڪ ڪڪر آيو ۽ سڀ ان جي هينان جمع ٿي ويا ته ان مان باھ وسي ۽ سڀ سڙي ويا.(صراط الجنان، 154/7)

**مومن محفوظ رهيا** ان قوم مان اڪثر ماڻهن ايمان نه آندو هو، حضرت شعيب عليه السلام ۽ مومنَ ڪافرن تي عذاب نازل ٿيندي ڏسندا رهيا پر الله پاڪ جي رحمت سان مومنن کي ڪجھ بہ نہ ٿيو، پوءِ پاڻ عليه السلام ڪافرن جي مال کي پنهنجي مسلمان قوم ۾ تقسيم فرمائي ڇڏيو پوءِ هڪ مومنہ عورت سان نڪاح ڪيائون ۽ مسلسل مَديَن جي سر زمين تي آباد رهيا. (نهاية الارب، 149/13)

باقي ايندڙ مهيني جي شماري ۾

تاريخ جا ورق

# فلسطين (Palestine)

## (ٻيئين قسط)

مولانا آصف اقبال عطّاري مدني

**(3) نابلس** هي آبادي جي لحاظ سان فلسطين جو سڀ کان وڏو شهر ۽ هڪ اهم مقام آهي، هي فلسطيني يونيورسٽي جو وڏو هيڊڪوارٽر آهي. هي شمالي مغربي ڪناري جو مرڪز آهي، ان جا ٻيا ٻه نالا آهن جيئن جبل النار، دمشق صغري، عُلما جي رهائش ۽ فلسطين جي بي تاج ملڪ.

نابلس فاروقِ اعظم جي زماني ۾ فتح ٿيو آهي. قيساريه فتح ٿيڻ جي خبر ٻڌي ڪري اطراف جا شهر ۽ ڳوٺ رمله، عڪاء، عسقلان، غزه، نابلس، طبريه، بيروت، جبله ۽ لاذقيه وغيره جا ماڻهو به سيدنا عَمرو بن عاص رضی اللہ عنہ وٽ آيا ۽ جزيو ادا ڪرڻ جي شرط تي صلح ڪئي هيئن هي تمام علائقا به گڏ فتح ٿي ويا. (فتوح الشام، 2/ 32)

نابلس جي هڪ ڳوٺ جو نالو سيلون آهي، جتي مسجدِ سڪينه آهي، چيو ويندو آهي ته هي حضرت يعقوب علیہ السّلام جي رهائش جي جڳهه هئي، هتان کان حضرت يوسف علیہ السّلام جا ڀائر انهن کي وٺي ويا ۽ کوهه ۾ اڇلايو، کوهه سنجل نالي ڳوٺ جي ڀرسان هو، ماڻهن ان کوهه کي زيارت گاهه بڻائي ڇڏيو. (آثار البلاد واخبار العباد، ص215)

اڪثر اهلِ علم جي مطابق آسمان مان مائده يعني دسترخوان هتي نازل ٿيو. (معجم البلدان، 107/3) نابلس وڏو آبادي وارو علائقو رهيو آهي، هتان کان عالَمِ اسلام جي وڏن وڏن شخصيتن جو ظهور ٿيو آهي جيئن عارف بالله امام عبدُ الغني نابلسي حنفي رحمۃُ اللہِ علیہ جن جي علمي ۽ تحقيقي ڪارنامن کي دنيا مڃيندي آهي.



نوان ليک

# حضرت اِسحاق عَلَيْهِ السَّلَام جو قرآني تذڪرو

قاسم مدني

(ذميوار مدرس جامعةُ المدينه شيرانواله گيٽ اقصيٰ مسجد لاهور)

الله پاڪ مخلوق جي هدايت ۽ رهنُمائي جي لاءِ جن پاڪ ٻانهن کي پنهنجا احڪام پهچائڻ جي لاءِ موڪليو انهن کي نبي چوندا آهن انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام اهي بشر آهن جن وٽ الله پاڪ جي طرف کان وحي ايندي آهي. حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان وٺي ڪري اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين الله پاڪ ڪيئي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام موڪليا، جن مان ڪجهه جو ذڪرِ خير قرآنِ پاڪ ۾ به آيو، انهن مان هڪ نبي حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام به آهن. اچو! انهن جو مختصر قرآني تذڪرو پڙهون ٿا:


**ولادت جي بشارت:** حضرت اسحاق جي پيدائش جي خوشخبري ڏيندي الله پاڪ قرآنِ مجيد ۾ ارشاد فرمايو: ﴿وَ امْرَاَتُهٗ قَآىٕمَةٌ فَضَحِكَتْ فَبَشَّرْنٰهَا بِاِسْحٰقَۙ-وَ مِنْ وَّرَآءِ اِسْحٰقَ یَعْقُوْبَ(۷۱)﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ان جي گهرواري (اتي) بيٺي هئي ته اها کلڻ لڳي پوءِ اسان ان کي اسحاق جي ۽ اسحاق جي پٺيان يعقوب جي خوشخبري ڏني (سيپارو: 12، هود: 71)

قرآنِ مجيد جي آيت مبارڪ مان واضح ٿئي ٿو ته حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي گهرواري حضرت ساره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي حضرت اسحاق ۽ حضرت يعقوب عَلَيْهِمَا السَّلَام جي خوشخبري ڏني وئي ۽ ان جي وجهه بيان ڪندي حضرت علامه مولانا سيّد نعيمُ الدين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: حضرت ساره کي خوشخبري ڏيڻ جي وجهه هيءَ هئي جو اولاد جي خوشي عورتن کي مَردن کان وڌيڪ ٿيندي آهي ۽ پڻ هي به سبب هو ته حضرت ساره کي ڪو اولاد نه هو ۽ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جا فرزند حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام موجود هئا. هن بشارت جي ضمن ۾ هڪ بشارت هيءَ به هئي ته حضرت ساره جي عُمر ايتري ڊگهي ٿيندي جو اهي پوٽي کي به ڏسنديون. (خزائن العرفان، ص413)

**حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي دعا:** حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جي بارگاهه ۾ اولاد ٿيڻ جي دعا ڪئي هئي جيڪا الله پاڪ قبول فرمائي ته پاڻ ان جو شڪريو ادا ڪندي بارگاهِ الاهي ۾ هي ڪلما عرض ڪيا:

﴿اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ وَهَبَ لِیْ عَلَى الْكِبَرِ اِسْمٰعِیْلَ وَ



اِسْحٰقَ ؕ اِنَّ رَبِّیْ لَسَمِیْعُ الدُّعَآءِ ﴿۳۹﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ سموريون خوبيون ان الله جي واسطي آهن جنهن مون کي پوڙهائپ ۾ اسماعيل ۽ اسحاق ڏنو. بيشڪ منهنجو رب دعا ٻڌندڙ آهي. (سيپارو: 13، ابراهيم: 39)

**نبوت جو تذڪرو:** الله ڪريم پنهنجي پياري نبي حضرت اسحاق عَلَیْهِ السَّلَام جي نبوت جو تذڪرو قرآنِ پاڪ ۾ هيئن فرمايو: ﴿ وَهَبْنَا لَهٗۤ اِسْحٰقَ وَ یَعْقُوْبَ ؕ وَ كُلًّا جَعَلْنَا نَبِیًّا ﴿۴۹﴾ ﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اسان سندن کي اسحاق ۽ (ان کان بعد) يعقوب عطا ڪيا ۽ انهن سڀن کي نبي بڻايو. (سيپارو: 16، مريم: 49) مذڪوره آيت مان معلوم ٿيو ته الله پاڪ حضرت ابراهيم عَلَیْهِ السَّلَام جي فرزند حضرت اسحاق ۽ حضرت اسحاق عَلَیْهِ السَّلَام جي فرزند حضرت يعقوب عَلَیْهِ السَّلَام کي به نبوت جو منصب عطا فرمايو هو.

**سندن اولاد ۾ نبوت:** الله ڪريم حضرت ابراهيم عَلَیْهِ السَّلَام کي حضرت اسماعيل، حضرت اسحاق ۽ حضرت يعقوب جي نعمت سان نوازيو ۽ پاڻ عَلَیْهِ السَّلَام جي اولاد ۾ نبوت ۽ ڪتاب کي رکيو، بهرحال الله پاڪ سورت عنڪبوت ۾ ارشاد فرمائي ٿو: ﴿ وَوَهَبْنَا لَهٗۤ اِسْحٰقَ وَ یَعْقُوْبَ وَ جَعَلْنَا فِیْ ذُرِّیَّتِهِ النُّبُوَّةَ وَ الْكِتٰبَ وَ اٰتَیْنٰهُ اَجْرَهٗ فِی الدُّنْیَا ۚ وَ اِنَّهٗ فِی الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِیْنَ ﴿۲۷﴾ ﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اسان ان کي اسحاق (پٽ) ۽ يعقوب (پوٽو) عطا فرمايا ۽ اسان ان جي اولاد ۾ نبوت ۽ ڪتاب رکيو ۽ اسان دنيا ۾ ان جو ثواب ان کي عطا فرمايو ۽ بيشڪ اهو آخرت ۾ (به) اسان جي خاص قرب جي لائق ٻانهن مان هوندو. (سيپارو: 20، العنڪبوت: 27)

مذڪوره آيتِ ڪريمه مان واضح آهي ته الله پاڪ نبوت ۽ ڪتاب کي حضرت ابراهيم عَلَیْهِ السَّلَام جي اولاد ۾ رکي ڇڏيو ۽ حضرت اسحاق عَلَیْهِ السَّلَام سندن فرزند آهن. اهڙيءَ طرح بعد ۾ جيڪي انبياءِ ڪرام تشريف وٺي آيا ته انهن مان ڪيئي انبياءِ ڪرام حضرت اسحاق عَلَیْهِ السَّلَام جي اولاد مان آهن.

الله پاڪ اسان کي انبياءِ ڪرام عَلَیْهِمُ السَّلَام جي فيضان کان مالا مال فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.



# مفتي احمد يار خان نعيمي رحمة الله عليه جا فرمان

بلال حُسين عطّاري

تفسيرِ نورالعرفان، تفسيرِ نعيمي، مرآة المناجيح ۽ جاءالحق جهڙي شاهڪار، مشهور و معروف ۽ مقبولِ عام ڪتابن جا مصنف حڪيم الأُمّت مفتي احمد يار خان نعيمي رحمة الله عليه جي ولادت شوالُ المڪرّم 1314 سن هجري تي بدايون شريف (يوپي هند) ۾ ٿي. پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پهريان هند ۽ پوءِ پاڪستان ۾ درس ۽ تدريس، فتوا نويسي ۽ تصنيف وغيره مختلف خدماتِ دينيه ۾ پاڻ پنهنجي زندگي گذاري. بدايون شريف ۾ طلوع ٿيڻ وارو هي سج 3 رمضان المبارڪ 1391ھ مطابق 24 آڪٽوبر1971 تي پاڪستان جي علائقي گجرات ۾ غروب ٿيو، گجرات ئي ۾ سندن مزار پُرانوار آهي.

هن مضمون ۾ سندن ڪتاب ”اسلامي زندگي“ مان ڪجھ نصيحتن جو انتخاب ڪيو ويو آهي، پاڻ به پڙهو ۽ ٻين دوستن کي به شيئر ڪيو.

(1) (رمضان شريف) ۾ ڏينهن جو سيني جي سامهون کائڻ پيئڻ سخت گناه ۽ بي حيائي آهي پهرين زماني ۾ هندو ۽ ٻيا ڪافر به رمضان ۾ بازارن ۾ کائڻ پيئڻ کان بچندا هئا هن ڪري جو هي مسلمانن جي روزي جو زمانو آهي پر جڏهن مسلمانن پاڻ ئي هن مهيني جو اَدب ڇڏي ڏنو ته ٻين سان شڪايت ڪهڙي.

(2) (عيدالفطر، عيدالاضحيٰ) ۾ عبادت جا ڏينهن آهن انهن ۾ به مسلمان گناه ۽ بي حيائي ڪندا آهن جيڪڏهن مسلمان قوم حساب لڳائي ته هندوستان ۾ هزارين روپيه روزانو سينمائن، ٿيٽرن ۽ ٻي عياشي ۾ خرچ ٿي رهيا آهن. جيڪڏهن قوم جا هي پيسا بچي وڃن ۽ ڪنهن قومي ڪم ۾ خرچ ٿين ته قوم جا غريب ماڻهو پلجي وڃن ۽ مسلمانن جا ڏينهن بدلجي وڃن مطلب ته انهن ڏينهن (عيدالفطر، عيدالاضحيٰ) ۾ هي ڪم سخت گناه آهن.

(3) فضول خرچين کي بند ڪيو ۽ هن مان جيڪي پيسا بچن ان مان پنهنجي مٺ مائٽن ۽ محلي وارن، يتيم خانن ۽ ديني مدرسن جي مدد ڪرڻ گهرجي، يقين ميجو ته مسلمان قوم جي عيد تڏهن ئي ٿيندي جڏهن سڄي قوم خوشحال، هنرمند ۽ پرهيزگار هجي جيڪڏهن توهان پنهنجي ٻارن کي عيد جي ڏينهن ڪپڙن کان پري ڇڏيو پر توهان جي مسلم قوم جا غريب ٻار هن ڏينهن دردر تي پنندا رهن ته سمجهي ڇڏيو ته هي عيد قوم جي ناهي. حق تعاليٰ مسلم قوم کي سچي عيد نصيب فرمائي. آمين

(4) مسلمان ڪامل ايمان وارو تڏهن ئي ٿي سگهي ٿو جڏهن صورت ۾ به مسلمان هجي ۽ دل سان به يعني اسلام جو هن تي اهڙو رنگ چڙهيل هجي جو صورت

۽ سيرت ٺهي کي رنگ ڏي دل ۾ الله پاڪ ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت جو جذبو موجون هڻندو هجي ان ۾ ايمان جي شمع ٻري رهي هجي ۽ صورت اهڙي هجي جيڪا الله پاڪ جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پسند اچي وڃي.

(5) وڏيون مڇون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ناپسند هيون دنيا ۾ هزارين پيغمبر تشريف کڻي آيا پر ڪنهن نبي نہ ڏاڙهي ڪوڙائي ۽ نہ مڇون رکرايون، لهٰذا ڏاڙهي فطرت يعني نبين جي سُنت آهي.

(6) غذا ۽ لباس جو اثر دل تي ٿيندو آهي تہ جيڪڏهن ڪافرن جيان لباس پاتو ويو يا ڪافرن جهڙي شڪل ٺهائي وئي تہ يقيناً دل ۾ ڪافرن سان محبت ۽ مسلمانن کان نفرت پيدا ٿي ويندي مطلب تہ هي بيماري آخر ۾ خطرناڪ ثابت ٿيندي انهيءَ ڪري حديث پاڪ ۾ آيو آهي "مَنْ تَشَبَّهَ بِقَوْمٍ فَهُوَ مِنْهُمْ" جيڪو ڪنهن بہ قوم کان مشابهت اختيار ڪري اهو ان مان آهي.

(7) اسان بہ محڪم اسلام ۽ سلطنتِ مصطفوي ۽ حڪومتِ الٰهيہ جا نوڪر آهيون اسان جي لاءِ عليحده شڪل مقرر ڪئي وئي تہ جيڪڏهن لکين ڪافرن جي وچ ۾ ويٺا هجون تہ سڃاتا وڃون تہ مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو غلام هُو ويٺو آهي.

(8) ڏاڙهيءَ جا بہ ڪوڙ فائدا آهن سيني کان پهريون فائدو تہ اهو آهي جو ڏاڙهي مرد جي چهري جي زينت آهي ۽ چهري جو نور جيئن عورت جي لاءِ مٿي جا وار يا انسان جي لاءِ اکين جون پلڪون ۽ ڀرون زينت آهن. اهڙي طرح مرد جي لاءِ ڏاڙهي. جيڪڏهن عورت پنهنجي مٿي جا وار ڪوڙائي تہ ٻري لڳندي يا ڪو انسان پنهنجون ڀرون ۽ پنبڙ صاف ڪرائي تہ هُو ٻُرو لڳندو. انهيءَ طرح مرد ڏاڙهي ڪوڙائڻ سان ٻرو لڳندو آهي.

(9) انسان جي عزت لباس سان نہ بلڪ لباس جي عزت انسان سان آهي جيڪڏهن توهان جي اندر ڪو جوهر آهي يا جيڪڏهن توهان عزت ۽ ترقي واري قوم جا فرد آهيو تہ توهان جي هر طرح عزت ٿيندي ڪوبہ لباس پايو جيڪڏهن انهن شين سان خالي آهيو تہ ڪوبہ لباس پايو عزت نہ ٿيندي.

(10) جيئن جسم تي جان حڪومت ڪندي آهي جو هر عضوو ان جي مرضي سان چرپر ڪندو آهي اهڙي طرح هن جان تي ان سلطانِ ڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي حاڪم ٺهايو تہ جيڪا چرپر هجي انهي جي رضا سان هجي انهيءَ جو نالو تصوّف آهي ۽ هي ئي حقيقت، معرفت ۽ طريقت جو مغز آهي.

(11) پٽ جي پيدائش جي خوشي ۾ نفل پڙهڻ ۽ صدقو خيرات ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي پر برادري جي خوف، بيعزتي جي خوف سان مٺائي ورهائڻ بلڪل بي فائده آهي.

(12) ميراثي(ڳائڻ وڄائڻ ذريعي ڪمائي ڪرڻ وارن) ماڻهن کي(صدقو خيرات) ڏيڻ هرگز جائز ناهي ڇوتہ انهن سان همدردي ڪرڻ

دراصل انهن کي گناهہ تي دلير ڪرڻ آهي.

(13) مسلمانن کي برباد ڪرڻ وارن سببن مان وڏو سبب سندن نوجوانن جي آوارگي آهي. پاڪستان جي مسلمانن جا اخراجات وڌيڪ ۽ انسان جا ذريعہ محدود بلڪ تقريباً نہ هجڻ جي برابر آهن، يقين ڪيو، بيڪاري جو نتيجو ناداري، غربت آهي، ناداري جو انجام قرضداري ۽ قرضداري جو انجام ذلت ۽ خواري آهي بلڪ سچ تہ اهو آهي تہ ناداري ۽ مفلسي ڪيترن عيبن جي پاڙ آهي. چوري، ڌاڙو، بدمعاشي، دوکيبازي ان جون شاخون آهن ۽ جيل ڦاسي ان جا ڦل(ميوا)، مفلس جي ڳالهہ جو وزن ئي ناهي هوندو.

(14) مسلمانن کي گهرجي تہ بيڪار ڪمن کان بچن، پنهنجي ٻارن کي آواره نہ ٿيڻ ڏين ۽ جوانن کي ڪم تي لڳائين، ٻين قومن کان سبق وٺن ڏسو هُندن جا ننڍا ٻار ياتہ اسڪول ۾ نظر ايندا يا شيون وڪڻندي نظر ايندا. مسلمانن جا ٻار يا لغڙ اڏائيندي نظر ايندا يا بيٽ بال کيڏيندي، ٻين قومن جا جوان ڪورٽن، دفترن ۽ عمده عمده عهدن جي ڪرسين تي نظر ايندا يا واپار ۾ مشغول نظر ايندا پر مسلمانن جا جوان يا تہ فيشن ايبل ۽ عياش پرست ملندا يا پنندي نظر ايندا يا بدمعاشي ڪندي نظر ايندا.

(15) صحابہءِ ڪرام رضي الله عنهم رڳو نمازي ئي نہ هئا اهي مسجدن ۾ نمازي هئا. جنگ جي ميدان ۾ بهادر غازي، ڪورٽن ۾ قاضي ۽ بازار ۾ اعليٰ درجي جا ڪاروباري، مطلب تہ مدرسہءِ نبوي ۾ انهن جي اهڙي اعليٰ تعليم ٿي هئي جو هو مسجدن ۾ مقرب ملائڪن جو نمونو هوندا هئا، مسجدن کان ٻاهر ڏاهپ جو ڏيک ڏيندا هئا.

(16) هر شخص پنهنجي مناسب طاقت ذريعي واپار ڪري، قدرت هرهڪ کي الڳ الڳ ڪم جي لاءِ ٺاهيو آهي ڪنهن کي اناج جو واپار موافق ايندو آهي، ڪنهن کي ڪپڙي، ڪنهن کي ڪاٺين جو، ڪنهن کي ڪتابن جو، مطلب تہ واپار کان پهريان هي خوب سوچو تہ مان ڪنهن قسم جي تجارت ۾ ڪامياب ٿي سگهان ٿو.

# رمضان المبارڪ ۾ مُلازمين سان رعايت ڪريو!

مولانا سيّد عمران اختر عطاري مدني

حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڀيري شَعبان جي آخري ڏينهن ماڻهن سان خطاب ڪندي ٻڌايائون ته رمضانُ الْمُبارڪ جي عظمت ۽ برڪت بيان ڪئي ۽ پوءِ فرمايائون ته الله پاڪ هن مهيني ۾ روزا فرض ڪيا ۽ رات جو قيام نفل قرار ڏنو، پوءِ پاڻ ماهِ رمضان ۾ نفل جو ثواب فرض ادا ڪرڻ جي برابر ۽ فرض جو ثواب 70 فرائض ادا ڪرڻ جي برابر قرار ڏنو، انهيءَ خطاب ۾ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضان مهيني کي صبر ڪرڻ جو ۽ هڪ ٻئي جي غم خُواري ڪرڻ جو مهينو فرمايو ۽ آخر ۾ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مالڪن کي غلامن جي لاءِ تخفيف (ڪمن ۾ گهٽتائي) ۽ سهولت پيدا ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ جي لاءِ فرمايو ته جيڪو پنهنجي غلامن تي تخفيف ڪندو الله پاڪ ان کي بخشي ڇڏيندو ۽ جهنّم کان آزادي عطا فرمائيندو.[1] حديثِ پاڪ ۾ ذڪر ڪيل نصيحتن جي روشني ۾ ملازمين ۽ مالڪن جي لاءِ ڪجهه ڳالهيون سمجهڻ نهايت ضروري آهن:

(1) رمضان شريف جا روزا هر مسلمان عاقل ۽ بالغ تي فرض آهن.[2] بهرحال جيڪڏهن ڪو ڪمزور هجي يا نوڪر يا مزدور هجي ته ان کي گهرجي ته پنهنجي عملي جوش ۽ ايماني جذبي



جي تپش کي ٿڌو نہ ٿيڻ ڏي ۽ هي ڳالھ ذهن ۾ رکي تہ سچو مومن نہ ڪاهل هوندو آهي ۽ نہ ئي سُست، بلڪ اهو رمضان ۾ روحاني ۽ جسماني طور تي ٻين مهينن کان وڌيڪ چُستُ هوندو آهي، مومن نہ روزي ۽ نماز وغيره عبادتن کي پنهنجي دنياوي معاملات جي لاءِ رڪاوٽ سمجهندو آهي ۽ نہ ئي معاشي پيچ ڏُڪَ جي وجھ سان عبادتن کي نظر انداز ڪندو آهي، لهذا اهو ڪم ڪار جي ٿڪاوٽ جي باوجود بہ ان ڪري روزن جو پابند رهندو آهي تہ منهنجي پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن رمضان مهيني کي صبر ڪرڻ جو مهينو فرمايو آهي ۽ هن مبارڪ مهيني ۾ عبادتن جو ثواب بہ تمام گهڻو ٻڌايو آهي، ڪمزور يا مزدور هجڻ جي وجھ سان جيتوڻيڪ روزو منهنجي لاءِ ڏکيو آهي پر ان جو اجر بہ تہ وڌيڪ آهي.

(3) هن حديثِ پاڪ ۾ عام طور سيني جي لاءِ ۽ خاص طور مالڪن جي لاءِ هي هدايت موجود آهي تہ رمضان مهينو غم خواري جو بہ مهينو آهي ۽ رمضانُ المبارڪ جي مناسبت سان ئي غم خواري جي هڪ نهايت زبردست صورت هن حديث ۾ موجود آهي جو مالڪَ پنهنجي غلامن تي تخفيف ڪَن، هن زماني ۾ جيتوڻيڪ غلامَ ناهن پر مزدور، ڪاريگر، ڊرائيور، مختلف شعبن سان تعلق رکڻ وارا ملازمين وغيره ڪيئي اهڙا ماتحو اڄ بہ موجود آهن جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن مالڪ، آفيسر ۽ اڳواڻ جي هيٺ رهي ڪري انهن جي خدمت ۾ مصروف رهندا آهن، هي ماتحت ماڻهو سردي، گرمي، سرءُ، بهار، خوشي، غمي، صحت ۽ بخار ايستائين جو رمضان جي مهيني ۾ روزي جي حالت ۾ بہ ڪم ڪار جي مشقت برداشت ڪرڻ ۾ مصروف رهندا آهن، ڇا واقعي ڪو هي سمجهندو آهي تہ انهن ويچارن کي ٿڪاوٽ ناهي ٿيندي ۽ اهي آرام ناهن ڪرڻ چاهيندا؟ هرگز نہ!! اهي ويچارا ٿڪجندا بہ آهن ۽ سهولت بہ چاهيندا آهن پر انهن جون گهريلو ۽ معاشي ضرورتون انهن کي مشڪلاتون سهڻ تي مجبور رکنديون آهن جيتوڻيڪ صحت ياب هجن يا بيمار، عام ڏينهن ۾ بنا روزي جي هجن يا رمضان ۾ روزي سان هجن. تنهنڪري مالڪَن ۽ اڳواڻن ۽ آفيسرن کي گهرجي تہ اسلامي تعليمات ۽ انسانيت جي ناتي عام ڏينهن ۾ بہ انهن جو احساس ڪن ۽ خاص طور تي رمضان مهيني ۾ تہ انهن تي خصوصي نوازشون ڪن، نرمي ڪن، ماهِ غم خواري ۾ انهن سان غم خواري ڪن، پاڻ بہ روزي جا پابند رهن ۽ انهن ويچارن جي روزي جو بہ لحاظ ڪن، ڪم ۾ يا ڪم جي نوعيت ۾ يا وري ڪم جي مجموعي وقت ۽ دورانيہ ۾ گهٽتائي ڪري انهن جون دعائون بہ وٺو ۽ پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪم ۾ تخفيف ڪرڻ وارن کي جهنم جي باھ کان

آزادي ۽ مغفرت جي جيڪا بشارت ڏني آهي ان جا به حقدار بڻجي وڃو ۽ پاڻ کي الله پاڪ جو پسنديده ٻانهو به بڻايو، حديثِ پاڪ ۾ آهي: تمام مخلوق الله پاڪ جي عيال آهي ۽ الله پاڪ جو سڀ کان وڌيڪ پسنديده ٻانهو اهو آهي جيڪو ان جي عيال کي گهڻو فائدو پهچائي.[3]

ماءُ پيءُ پنهنجي پُٽن کان، مڙس پنهنجي گهرواريءَ کان ۽ گهر جا ماڻهو پنهنجي ماءُ ۽ ڀينرن کان ڪم ڪار ڪرائڻ ۽ مختلف خدمتون وٺڻ جي معاملي ۾ جيستائين ممڪن هجي انهن ڳالهين جو لحاظ رکن ۽ ڪم ڪار ۾ گهٽتائي ڪن.

الله پاڪ اسان کي رمضانُ المبارڪ جي برڪتن سان مالا مال فرمائي ۽ ملازمين ۽ ماتحتن کي آسانيون ڏيڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1 ديکهيے:صحيح ابنِ خزيمہ، 191/3، حديث: 1887
2 در مختار و رد المحتار، 3 / 383
3 معجم الکبير، 10 / 86، حديث: 10033




# نماز نور آهي، نماز جون برڪتون

اسان جي پياري ۽ آخري نبي حضرت محمد صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم فرمايو: اَلصَّلَاۃُ نُوْرُ الْمُؤْمِنِ يعني نماز مومن جو نور آهي. (ابن ماجہ، 4/473، حدیث: 4210)

نماز قبر ۽ قيامت جي انڌيري ۾ نور يعني روشني ٿيندي. جيئن انڌيري ۾ روشني صحيح رستي جي راهنمائي ڪندي آهي ايئن ئي نماز سڌي رستي جي طرف راهنمائي ڪندي ۽ بُرائي کان بچائيندي آهي.

(مرقاۃ، 2/342، تحت الحدیث: 1321)

نماز دين جو ٿنڀ آهي، نماز مسلمانن جي هڪ اهم عبادت آهي، نماز تمام مخلوقات جي عبادتن جو مجموعو آهي، مسلمانن تي هڪ ڏينهن ۾ پنج نمازون فرض آهن، اُن فرض جي ادائيگي ۾ تمام گهڻيون برڪتون ۽ رحمتون به آهن، نماز پڙهڻ واري کي نمازي چوندا آهن.

نماز پڙهڻ واري کان الله پاڪ خوش ٿيندو آهي، نماز سان پريشانيون دور ٿينديون آهن، نمازي الله پاڪ جي رحمت ۾ هوندو آهي، نمازي جي چهري تي تازگي هوندي آهي، نماز الله پاڪ جي عذاب کان بچائيندي ۽ جنت ۾ وڃڻ جو سبب بڻجندي آهي.

سنا ٻارو! رمضان جو مبارڪ مهينو هلي رهيو آهي، هن ۾ نيڪين جو ثواب وڌي ويندو آهي

تہ اوهان کي بہ گهرجي تہ هن مبارڪ مهيني ۾ روزا رکڻ سان گڏوگڏ نمازن جي بہ پابندي ڪندا رهو ۽ هن مهيني کان بعد بہ نماز جو معمول بڻايو، ڪهڙا بہ حالات هجن اوهان ڪهڙي بہ ڪم ۾ مصروف ڇو نہ هجو جڏهن نماز جو وقت اچي وڃي تہ نماز جي تياري شروع ڪيو.

الله پاڪ اسان کي نمازن جي پابندي ڪندو رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

# آمد رمضان

## تي اهتمام جو انداز

شَيخِ طريقت، اميرِ اَهلسُنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوي ضِيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي مايہ ناز تصنيف ”فَيضانِ سُنّت (جلداوّل)“ جي صَفحي نمبر 1434 تي نقل ڪن ٿا:

**رمضان المبارڪ** جي آمد آمد هئي ۽ مشهور تاريخ نويس حضرت واقِدي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه وٽ ڪجهہ نہ هيو. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي هڪ عَلَوي دوست ڏانهن اها چٺي موڪليائون، ”رمضان شريف جو مهينو اچڻ وارو آهي ۽ مون وٽ خرچ جي لاءِ ڪجهہ ناهي مون ڏانهن بطور قرضِ حسنہ هڪ هزار درهم موڪليو. لهٰذا ان عَلَوي هڪ هزار درهم جي ٿيلهي موڪلي ڏنائين. ڪجهہ دير کان پوءِ حضرت وَاقِدِي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي هڪ دوست جي چٺي حضرت واقدي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڏانهن آئي، ”رمضان شريف جي مهيني ۾ خرچ جي لاءِ مون کي هڪ هزار درهم جي ضرورت آهي.“ حضرت واقِدي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه اها ئي ٿيلهي ان ڏانهن موڪلي ڏني. ٻئي ڏينهن اهو ئي علوي دوست جنهن کان حضرت واقدي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه قرض ورتو هيو ۽ اهو ٻيو دوست جنهن حضرت واقدي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کان قرض ورتو هيو ٻئي حضرت واقدي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي گهر آيا. علوي چوڻ لڳو، **رمضان المبارڪ** جو مهينو اچي رهيو آهي ۽ مون وٽ ان هڪ هزار درهمن کانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هيو، پر جڏهن اوهان جي چٺي آئي تہ مون هي هزار درهم اوهان کي موڪلي ڏنا ۽ پنهنجي ضرورت جي لاءِ پنهنجي هن دوست کي چٺي لکي تہ مون کي هڪ هزار درهم قرض طور موڪلي



ڏي. ان اها ئي ٿيلهي جيڪا مون اوهان کي موڪلي هئي، مون ڏانهن موڪلي ڏني ته خبر پئي ته اوهان مون کان قرض گهريو، وري مون پنهنجي هن دوست کان قرض گهريو ۽ انهن وري اوهان کان گهريو ۽ جيڪا ٿيلهي مون اوهان کي موڪلي هئي اها توهان هن کي موڪلي ڇڏي ۽ ان اها ٿيلهي مون کي موڪلي ڏني. پوءِ هنن ٽنهي بزرگن اتفاق راءِ سان ان رقم جا ٽي حصا ڪري پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيا. انهيءَ رات حضرتِ سيِّدُنا واقدي رحمۃ اللہ علیہ کي خواب ۾ جناب رسالت مآب صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جن جي زيارت ٿي ۽ فرمايائون، ان شاءالله الكريم سياڻي توهان کي گهڻو ڪجهه ملي ويندو. اهڙيءَ طرح ٻئي ڏينهن امير يَحيٰی برمڪي سيِّدُنا واقدي رحمۃ اللہ علیہ کي گهرائي پُڇيو، ”مون رات خواب ۾ توهان کي پريشان ڏٺو آهي ڇا ڳالهه آهي؟ حضرت سيِّدُنا واقدي رحمۃ اللہ علیہ سچو قصو ٻُڌايو ته يَحيٰی برمڪي چيو،“ مان هي ٽئو چئي سگهان ته اوهان ٽنهي مان ڪير وڌيڪ سخي آهي؟ اوهان ٽئي سخي ۽ واجب الاحترام آهيو. پوءِ ان ٽيهه هزار درهم حضرت واقدي رحمۃ اللہ علیہ کي ۽ ويهه ويهه هزار انهن ٻنهي کي ڏنا ۽ حضرت واقدي رحمۃ اللہ علیہ کي قاضي (Judge) به مقرر ڪري ڇڏيو. (حُجَّةُ الله عَلَى الْعٰلَمِين، ص ٥٧٧ مُلَخَّصاً)

اي عاشقِ رمضان! بيان ڪيل حڪايت مان اسان کي ڪيئي مَدَني گل حاصل ٿيا، مثال طور سچّا مسلمان سَخي هوندا آهن، سچّا مسلمان اِيثار ڪندڙ هوندا آهن. سچّا مسلمان ڏُک تڪليف ۾ ورتل مسلمانن جي ڪم ايندا آهن، سچّا مسلمان پنهنجي مشڪلاتن جي ذري برابر پروا ناهن ڪندا. افسوس! هاڻي اسان جون دليون مسلمانن جي خير خواهي جي جذبي کان خالي ٿينديون پيون وڃن، اسان پاڻ ته سٺو کائون، ڪمايون، سٺو پايون ۽ عاليشان زندگي گذاريندا آهيون، سحري ۽ اِفطاري ۾ به قسمين قسمين نعمتن مان لُطف اندوز ٿيندا آهيون پر هاءِ! غريب ۽ نادار رشتيدارن، پاڙيسرين ۽ ٻين مسلمانن جي خير خواهي ڪرڻ هاڻي اسان ڪنهن وساريندڙ شيءِ جيان وساري چڪا آهيون. بهرحال اسان کي گهرجي ته اسان هنن پاڪ هستين جي نقشِ قدم تي هلندي رَمَضان ۽ غيرِ رَمَضان ۾ عَمَلي طور تي مسلمانن جا خير خواه بڻجي انهن جي ڪم اچڻ وارا بڻجي وڃون. مسلمانن کي اِفطاري ڪرائڻ ۽ اُنهن کي پاڻي پيئارڻ به خير خواهي جي هڪ صورت آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه رَمَضان ۾ اِفطار ڪرائڻ ۽ پاڻي پيئارڻ جي فضيلتن جي ڇا ڳالهه ڪجي، ٻڌو

## افطار ڪرائڻ جون فضيلتون

نبي پاڪ صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جن اِرشاد فرمايو: جنهن حلال ڪاذي يا پاڻيءَ سان (ڪنهن مسلمان کي) روزو افطار ڪرايو، ملائڪ ماهِ رمضان جي اوقات ۾ ان جي لاءِ استغفار ڪندا آهن ۽ جبريل (عَلَيْهِ السَّلَام) شبِ قدر ۾ ان جي لاءِ استغفار (يعني بخشش جي دعا) ڪندو آهي.“ (معجم كبير، ٦/ ٢٦٢، حديث: ٦١٦٢)

هڪ ٻي هنڌ تي فرمايائون: جيڪو روزيدار کي پاڻي پياريندو الله ڪريم ان کي منهنجي حوض مان پياريندو، ۽ هو جنّت ۾ داخل ٿيڻ تائين اڃارو نه ٿيندو. (صحيح ابن خُزيمه، ڪتاب الصيام، باب فضائل شهر رمضان ... الخ، ٣/ ١٩١، حديث: ١٨٨٧)

# رمضان ۾ گناهه ڪرڻ واري جي قبر جو ڀيانڪ منظر!

هڪ ڀيري امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات علي المرتضىٰ، شير خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم قبرن جي زيارت لاءِ ڪوفي جي قبرستان تشريف وٺي ويا، اتي هڪ تازي قبر تي نظر پئي. ڪين ان جي حالت معلوم ڪرڻ جي خواهش ٿي. بارگاهه خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض گذار ٿيا. يا الله عَزَّوَجَلَّ هن ميت جا حالات مون تي منڪشف (يعني ظاهر) فرماءِ. الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ سندن التجا هڪدم ٻڌي وئي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سندن ۽ ان مُردي جي وچ ۾ جيترا پردا رڪاوٽ بڻيل هئا سيئي هٽايا ويا هاڻي هڪ قبر جو ڀيانڪ منظر سندن آڏو هو، ڇا ٿا ڏسن ته مُردو باهه ۾ وَڪوڙيل آهي ۽ روئي روئي ڪين هيئن فرياد ڪري رهيو آهي: يَاعَلِيُّ! اَنَا غَرِيْقٌ فِي النَّار وَ حَرِيْقٌ فِي النَّار يعني: "ياعلي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم! مان باهه ۾ ٻڏل آهيان ۽ باهه ۾ سڙي رهيو آهيان." قبر جي دهشت ناڪ منظر ۽ مُردي جي درد ناڪ دانهن حيدرِ ڪرار كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کي بيقرار ڪري ڇڏيو. پاڻ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم پنهنجي رحمت واري پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ هٿ ڪنيائون ۽ نهايت ئي عاجزي سان ان ميت جي بخشش جي لاءِ درخواست پيش ڪيائون. غيب مان آواز آيو. "اي علي! توهان هن جي سفارش نہ ئي فرمايو ڇو تہ روزا رکڻ جي باوجود هي شخص رمضان المبارڪ جي بي حرمتي ڪندو هو. رمضان المبارڪ ۾ بہ گناهن کان ڪو نہ مڙندو هو. ڏينهن جو روزا تہ رکندو هو پر راتين جو گناهن ۾ مبتلا رهندو هو. مولاءِ ڪائنات علي المرتضىٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم اهو ٻڌي ڪري ويتر غمگين ٿي ويا ۽ سجدي ۾ وڃي روئي روئي عرض ڪرڻ لڳا، يا الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي لڄ تنهنجي هٿ ۾ آهي. هن ٻانهي وڏي اميد سان مون کي پڪاريو آهي منهنجا مالڪ عَزَّوَجَلَّ! تون مون کي هن جي آڏو رسوا نہ فرماءِ، هن جي بيوسيءَ تي رحم فرماءِ ۽ هن ويچاري جي بخشش فرماءِ. حضرت علي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم روئي روئي مناجات ڪري رهيا هئا. الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جو درياءُ جوش ۾ اچي ويو ۽ ندا آئي، اي علي! اسان تنهنجي شڪستہ دليءَ جي سبب هن کي بخشي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ان مُردي تان عذاب ڪنيو ويو." (انيس الواعظين، ص. 25)

ڪيوں نہ مشکل کشا کہوں تم کو      تم نے بگڑی میری بنائی ہے

جيڪي ماڻهو روزو رکڻ جي باوجود گناهه جي صورتن تي مشتمل تاس، شطرنج، لوڊو، موبائل، آءِ پيڊ وغيره تي وڊيو گيمز، فلمون، ڊراما، گانا باجا، ڏاڙهي ڪترائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽرائڻ، بنا ڪنهن شرعي عذر جي جماعت ترڪ ڪرڻ بلڪ معاذ الله عَزَّوَجَلَّ نماز قضا ڪري ڇڏڻ، ڪوڙ، غيبت، بد گماني، وعده خلافي، گار گند، بنا ڪنهن شرعي عذر جي مسلمانن کي تڪليف ڏيڻ، شرعي حقدار نہ هجڻ جي باوجود گداگري (يعني پنڻ)، والدين جي نافرماني، وياج ۽ رشوت جي ڏيتي ليتي، ڪاروبار ۾ ڏوڪو ڏيڻ وغيره وغيره برائين کان رمضان شريف ۾ بہ نہ ٿا رکجن انهن جي لاءِ بيان ڪيل حڪايت ۾ عبرت ئي عبرت آهي.